


ڀارت جو آئيندو اوهان تي ئي مدار رکي ٿو.

اٿو جاڳو نه ترسو جيستائين پنهنجي منزل تي نه رسيا آهيو

سوامي وويڪانند



اوهان پنهنجي ٻار کي موت جي سزا ڏيندا؟

ٻالڪل نه نه مهرباني ڪري هيءُ غور سان پڙهجو.

شاديءَ کان اڳ رت جي تپاس اوهانجي اولاد کي خوفناڪ بيماريءَ کان بچائي سگهندي. "ٿيلاسيميا ميجر" Thailassaemia Major ٿيلاسيميا مائينر (ننڍي) بيماريءَ جا جيوڙا جائي جن کان ٿين ٿا. پرش ۾ ۽ نه استري ۾ ا. جڏهين ٿيلاسيميا مائينر جيوڙن وارا وڏا ٿي شادي ڪندا ته انهنجي اولاد کي ٿيلاسيميا (وڏي) بيماري ٿي سگهندي.

ٿيلاسيميا ميجر علاج رهت بيماري سڏي جائيءَ ۾ چڱ-ڦهليل آهي. ان بيماري وارن ٻارن جي رت ۾ هيموگلوبن ضرورت کان گهڻو گهٽ هوندي آهي جنهنجي نتيجي ۾ رت ٻاٽيءَ وانگر چٽو ٿي ويندو. انهن ٻارن کي زنده رکڻ لاءِ ٻار ٻار نئين رت وجهائڻ جي ضرورت پوندي آهي انهي ٻار جون اکيون ۽ جيرو وڏي ويندو آهي، انڪري مٿا پيشاب ۽ ٻار دل جي بيماري ٿي پوندي آهي. انهن ٻارن جي عمر وڏ ۾ وڏ 15 کان 20 سالن تائين ٿيندي آهي. انهنڪري اڳواٽ رت جي تپاس جو فيصلو برابادي ءُ/ ٻا آبادي جو رستو کولي سگهندو. هاڻي ئي عمل ڪرايو!

ٿيلاسيميا لاءِ رت جي تپاس ڪرايو!

جاليءَ جي ڀلي لاءِ هيءُ اشتهار وجهايو وڃي ٿو

شپ ڪامناڻن سان :

HOTEL ROSEWOOD

99/C, Tulsiwadi, opp Air-Conditioned Market, Tardeo, Mumbai-400034

Ph. 494 0320 27 (8 Lines)

Fax 4953764 Telex : 011-76396 ROSE IN

ڪڙيون

(ڪتابي سمالوچنائون)

نند ڇڳاڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣

ڪتاب بابت ......

ڪو زمانو هو جو ساهتيه / ادب معنيٰ شعر. ان بعد ان دائري ۾ ڪهاڻيون به آيون، ته اڳتي هلي ناٽڪ، ناول، مضمون به شمار ڪيا ويا ۽ هاڻ ته خط، اخبارن ۾ ڇپيل ڪالم، سمپادڪي ليک ۽ ڪتابي سمالوچنا به ساهتيه جي ڪيٽگري ۾ شامل ڪيا ٿا وڃن. اهو فقط اڄ ۽ ڪالهه نه، بلڪ گذريل پنجاهه سالن بعدي اڳا به انهن ڪٿي ڇپجي ته ٻي مهاڀاري لڙائيءَ بعد اهي صنفون ادبي تڪ تور هيٺ آنديون ٿيون وڃن ۽ هاڻ دائري جا ورق پٽ. شرت بابو ڏانهن لکيل ۽ سندس لکيل خط، ٻئن ڏانهن، هندي ۾ ڪتاب آهي "شرت پتراولي"، جواهرلال نهرو جا لکيل خط، "پتا جا ڌيءَ ڏي خط" نه پسند آهن.

اخبارن ۾ لکيل ڪالم به هاڻ ڪتابي صورت ۾ اچي ڪافي اهميت حاصل ڪري رهيا آهن. سوڀي گيانچنداڻي جا لکيل ڪالم به ڪتابي صورت ۾ اچي چڪا آهن ته فتاح ملڪ جا لکيل ڪالم "عوامي آواز" "هلال پاڪستان" اخبارن ۾ ڇپيل ڪتابي صورت ۾ "پيغمبر هن پنهور ۾" نالي سان ظاهر ٿيو آهي. پر ليکڪ ٿو ڪتابي سمالوچنائن جو مجموعو هي "ڪٿيون" سنڌي ۾ پهريون ئي مجموعو آهي (منهنجي نظر ۾) جو ڪتابي روپ ۾ توهان جي هٿن ۾ آهي.

شري نند ڇڳاڻي هفتيوار هندواسي ۾ وقت به وقت ڪن ڪتابن جي سمالوچنا پيو ڏيندو رهندو هو ۽ ڏيندو آهي. ويچار آيو ته اهي سمالوچنائون ڪن پڙهيون، ڪن نه پڙهيون، ڇو نه انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي دائمي درجو ڏنو وڃي.

KANYUN

By : Nand Chhugani

SINDHI TIMES PUBLICATION
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar–3.
Tel. : 544100

Published by :
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times Publication

Author's Address :
NAND CHHUGANI
Prem Prakash Apartments,
Station Road,
Ulhasnagar–3.
Tel, 571605

Printed by :
Madhawdas Achhra
Shree Geeta Printing Press,
493, Opp. Hotel Eagle,
Ulhasnagar–3.
Tel. 544616

SINDHI TIMES
(Quarterly Book Series)
Yearly Subs. Rs 100/–
Half Yearly Subs. Rs. 60/–

Sole Agent :
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar–2.
Tel. 540455

This Book Price Rs. 50/–

Price : Rupees Fifty Only

This Issue: Oct-Nov-Dec1999

Year : October 1999

وچور

۽ ان ويچار هي عملي روپ اختيار ڪيو. ڪٿيون، ههڙي جو نمونو ٺڪر، جو عام طور ناولن لک جي قلمي ۾، ڪن جي ناپس ۾، منڊي ۾ پاڻيندا ون آهن. ان ڪٿيءَ جي قيمت ملهه، ان جي وزن ۽ درجي مطابق هوندو آهي. واهن راڻين جي اڻ ڪٿي نه، واهن سون روپين جي به ڪٿي آهي، واهن هزار راڻين جي به ڪٿي پڻي ڪٿيءَ جو ملهه ڪٿنڊيون آهي، وانجهار ني هوندو آهي ۽ هي ڪٿيون توهان وڻجهارن آڏو پيش آهن. توهان اڻهن جو ڪيترو نا ملهه ڪٿيو، اهو توهان جي چوڻ، علم تي منحصر آهي. هڪ ڪنهن هيرو الو له ڪٿي ڳڏه جهڙي ڳجهيءَ ۾ پاڻائين محض هڪ مٺو سمجهي، ته هڪ جوهري اهو هيرو روپين ۾ خريد ڪيو، پر ان جو ملهه ته سون هزارن ۾ هو. توهان ڪهڙو ۽ ڪيترو نا ملهه ڪٿيو....؟

باقي ذڪر چڱا ڏي، توهان سنڌس سمپادڪي ليک، ساليان "سنڌو" ۽ "پولجي" ۾ پڙهيا ني هوندا. هن کان اڳ ۾ سنڌس ترليب ڏال ڪتاب **"رام پنجواڻي جون چونڊ ڪهاڻيون"** سنڌي ناٽيمس طرفان ڇپايل ڪتاب آهن.

هن ڪتاب "ڪٿيون" ۾ سنڌس لکيل سالوچنائون جدا جدا ڪتابن تي لکيل آهي. هنن سالوچنائن ۾ سنڌس لکي نظر، وسيع چاڻ، نئز لکڻي، اهي سڀ ڳالهيون نظر اينديون، مواکي ته ڏسڻ به اچن ٿيون ۽ توهان کي....؟ ۽ بس.

— نارائڻ ڀارتي
ٻارهن آگسٽ ١٩٩٩ع

سنڌي ناٽيمس آفيس،
لکشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.
فون: 544100

With Partly Finantial Aid
From
INDUS-IND FOUNDATION, New Delhi

ڪربلي جيان ڪسارو - نقاد

ڪجهه سال اڳ، سنڌي ساهت ۾ نقادن جو چڱو ڏڪار هو.
ساهت سرجڻ اوج تي هو ۽ نقادن جون ٽوليون ئي نه هيون.
رچنا جي اهڙي نموني چيرڦاڙ ڪندا هئا ڄاڻ ته هو نقاد نه،
سرجن ڊاڪٽر هئا جي انساني سرير جو آپريشن ڪري رهيا هئا.
ماهر ڊاڪٽر انساني سرير مان بيماريون ڪڍي، شفا بخشيندا
آهن ۽ قابل نقاد رچنا جون خاميون ۽ خوبيون ڪڍي نروار
ڪندا آهن. اهو ئي صحيح طريقو ٿيندو آهي رچنا جي پرک
جو، اوک ڊوک جو ۽ ڇنڊ ڇاڻ جو، جنهن مان ليکڪ جي
رهنمائي ٿيندي آهي.

جيئن، جيترو وڏو ۽ ماهر سرجن، تيئن، تيترو سندس نالو
۽ ناموس؛ اهڙيءَ طرح جيئن، جيترو قابل نقاد، تيئن، تيترو
سندس نالو ۽ ناموس!

سنڌيءَ ۾ نقاد ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا اهي رڳو، جي رچنا
جي ڪٿ، رچنا اندر موجود مال ۽ رومال جي آڌار تي ڪندا
آهن؛ اُن موجب آلوچنا ۽ ٽيڪاٽپڻي ڪندا آهن. سندن ذهن
صاف، وچار چٽا ۽ رايا ٻڌا ڪنهن ٻغض وارا هوندا آهن. هو
ليکڪ جو رتبو نه، رچنا جو معيار ڏسندا آهن ۽ پڙهندڙن اوزارن
سان اُن جي ڪٿ - ماپ ڪندا آهن - معيار مقرر ڪندا آهن.

سنڌ ۾ ٻه چار ليکڪ ۽ نقاد آهن جن کي ان دفعي ۾ آڻي سگهجي ٿو- جيئن ڪرورڙاڻي، علي احمد بروهي ۽ حليم بروهي. ڀارت جي جن ليکڪن کي اهو شرف حاصل آهي، اهي ليکڪ آهن- آنند گولاڻي، لالڪ مدناڻي، ڊاڪٽر ايسر ٻارواڻي ۽ اندر چڱاڻي.

سنڌيءَ جي اهڙن ليکڪن ۽ نقادن ۾ جنهي سٽائر هڪ قدرتي ڏات جيان آهي، انهي اها هنن لاءِ آزار مثل به ثابت ٿي آهي. هو جڏهن لکڻ ويهندا آهن تڏهن سندن ذهن هڪ ڪوري سليٽ وانگر هوندو آهي جنهن تي ڪجهه لکجڻ، ڇپجڻ ۽ پڙهجڻ کان پوءِ ئي پتو پوندو آهي ته ان لکڻيءَ ۾ ڪيتري طنز ۽ ڪيترو مذاق پوشيده آهي! اهو مذاق ۽ اها طنز ڪڏهن ته قلمڪار جا لاهه به ڪڍيو ڇڏي ڇو ته اها طنز جنهن تي ڪيل هوندي، جنهن سان مذاق ٿيو هوندو، اهو ڏمريو پوي ۽ ليکڪ- نقاد سان ناتو ٽوڙيو ڇڏي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪريو ڇڏي. ساڻهون اچڻ تي منهن ڦيرايو ڇڏي. مطلب ڳالهه جو ته ليکڪ- نقاد ڏچي ۾ پئجيو وڃي!

اندر چڱاڻي بطور آلوچڪ ۽ بطور ڪهاڻيڪار، شايد ته ڀاڳي ڄم کان سٺارڪل آهي ڇو ته سندس تصنيف- آلوچنا، ڇاپي ٻول ٿير سمان وچيو سنڌيءَ ۾ ڇپيو. مون اهڙن ڪيترن ئي گهائل ۽ آزاريل ليکڪن ۽ ماڻهن کي ڏٺو آهي جي اندر جي ساڻهون پوڻ تي منهن ڦيرائي هليا ويندا آهن- جهڙوڪر پنهنجي ساڻهون ٻاٻري ڪڍڻ جو پونو ڏٺو هئائون!

مون اهڙن ليکڪن ۽ شاعرن کي به ڏٺو آهي جي اندر چڱاڻيءَ جي ان طبيعت کان واقف هوندي به، پنهنجا ڪتاب آلوچنا

سنڌيءَ جي اُنهن ٻن قسمن جي نقادن کي، ٻن ڪيٽيگرين ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. هڪڙا نقاد ذهني، احساسي ۽ ٻيا صرف احساسي - محض ڪتابي احساس ڪيل - جيئن هريش واسواڻي ۽ هيرو شيوڪاڻي، جي اڄ سنڌيءَ جا مکيه نقاد آهن ليڪن ٻنهي مان پهريون - هريش واسواڻي، ذهني ۽ احساسي نقاد آهي ۽ ٻيون - هيرو شيوڪاڻي، ڪتابي علم وارو نقاد آهي. ٻنهي جي آلوچنا ڪرڻ ۾ فرق اِهو آهي ته جتي هريش واسواڻيءَ جي آلوچنا - تنقيد مان ذهانت ۽ منجهورتي جهلڪندي آهي، اُتي هيري شيوڪاڻيءَ جي آلوچنا مان ڪاوڙ ۽ ليسو ايڪاڪا پائيندو نظر ايندو آهي.

سنڌيءَ جي اِنهن ٻن ٻرک- نقادن جي پٺيان، سنڌيءَ جي هنن ٻن ٻرک- ليکڪن - موهن ڪلپنا ۽ لعل پُشپ مان ٻه ڪري سگهجي ٿي ۽ اُها هن طرح، ته موهن ڪلپنا موسمت اوراجهل ۽ ذهني ليکڪ آهي، ۽ لعل پُشپ موسمت لاءِ اورجهل ۽ ڪتابي گيان جو ڀنڊار آهي جنهن ٻڌائيندڙ ساهتڪ ڦيشل سان، ٻاڻ کي ٻه، اُن قطار ۾ ٻئي شامل ڪيو آهي.

سنڌيءَ ۾ ٽنهي قسم جا ليکڪ ۽ نقاد ٻه آهن - موسمت اورجهل ۽ سنارڪل! انهن ليکڪن ۽ نقادن جي رچنائن ۾ جهڪا اي ساخته سنگار آهي، اُها سڌن اورجهل چيز آهي، جهڪا مدبهن اڄ- اُني موجود هئي؛ هنن جڏهن ٻه، ڪجهه ٻه لکيو هئي، ته اُها سنگار ازخود، ٻاڻ مرادو ٻني ئي اُتري ئي آئي، لکجي ئي وئي.

سنڌيءَ ۾ اهڙن ليکڪن جي گهڻائي هوندي، پر مان اُنهن مان صرف چند انالا اصولي طور ڪٿي، ٻنهيءَ ڳالهه جي وضاحت ڪندس.

ڪتبون :- ڪتابي سمالوچنا

[١] "شهناز" ڪرانون سانيز - ليکڪا پوپٽي هيرانندڻي، ڇپائيندڙ جوتي ڪلا مندر، الهاس نگر، پاڪيٽ-٥٠، صفحا ٧٦، قيمت - ٨ روپيا.

ڪتاب اٿلائيندي ننڍي هوندي جي يادگيري دل تي تازي ٿي آئي. لال لوٽي ڏڻ ملهائڻ لاءِ پاڙيوارا - دوست گڏجي پئسا گڏ ڪندا هئاسين. پئسا پئي آڏهن مان ڪاٺيون وغيره خريد ڪري ڏڻ ڌام ڌوم سان ملهائيندا هئاسون. پر اهو ڏپ اڄ سوڙ و دل تي تازو آهي ته جي اهي پئسا پڙهڻجي ڪم لڳائجن ته ڀاڳ پوندو. اڄ ڪتاب ڇپائڻ لاءِ به پئسا گڏ ڪرڻي ٿي پوي. پر گهڻا ته ان کي روئيءَ روزيءَ جو وسيلو به ڪري ٿا ڪڍن. ڏيڻ وارن کي شاباس آهي جو وري به ساهتيه جي ڀلائي ۾ ڏين پيا.

شهناز لاءِ چانڊ کي پيهچن ڇڏڻ پرسي جي مدد ڪئي آهي. ان ۾ ته به ڀنيءَ جا دلبر آهن ۽ ته ٻه ميٺيءَ وارا سنڌيت جا عاشق. هڪ ليکڪا ڀاڻ. ڪل ڪتاب ۾ صفحا آهن ٧٦، قيمت اٺ روپيا. هاڻي دان ڏيندڙ ڀاڻ سوچين ته سنڌي عوام تائين سندن شيوا ڪهڙي نموني پهچي ۽ پاڻ کي ڇا هٿ حاصل ٿيو. چانڊ جون اهڙي قسم جون ڀانڪي ادائون قبول ڪرڻ پونديون.

ڪتاب ڪان ته اڳ ڇپيل ڪهاڻين جي آڌار تي ماهتاب محبوب جو مهاڳ، داديءَ پوپٽيءَ لاءِ سنڌ وارن ونان سڪ ۽ شرڌا جو نموس آهي.

لاءِ، ڪيس موڪليندا آهن ۽ تقاضا ڪندا آهن ته، هو سندن
ڪتابن تي تبصرو ضرور ڪري!

سندس چڱائي طنزيه - مذاقيه آلوچڪ هئڻ سان گڏ هڪ ذهين پاٺڪ ۽ ساهت جو پارکو پڻ آهي. هو سڄو ڪتاب، ڪهاڻي يا شعر پڙهي ويندو ۽ هڪ لفظ، هڪ جملي يا هڪ پيراگراف ۾ پنهنجو تز راءِ ٻڌائيندو. راءِ ٻڌائي، انهن مڪمل ٽهڪ ڏيندو جڻ ته هن ڪجهه، نه، ڇيو هو، ڀاٽيءَ ۾ پٿر هڻي نه، اُڇليو هو.
اها سگهه ۽ سمرٿي تمام ٿورن ليکڪن - نقادن ۾ هوندي آهي جي هر ڳالهه، مڪمل من ۽ مڪمل ذهن سان چوندا ۽ لکندا آهن. ن. ن. ناراڻ ڀارتيءَ جهڙو ڏکيو ماڻهو ۽ اهو سندس چڱائيءَ جو ڪتاب ڇپائي، جنهن ڪيس الائي ڪيترا دفعا رانبوٽا پاتا آهن ۽ ڏکوڙت ڪيو آهي!

مان ڊاڪٽر ناراڻ ڀارتيءَ جي همت کي داد ڏيو ڏيان ۽ سندس چڱائيءَ جي هن آلوچنائي ڪتاب - ڪٺين ۽ ڳالهن جي ڳالهه "ڪٿون" جو ڀرپور موهر ٿو ڪريان - جيڪو پاڻ ڪرائي جهڙو ڪسارو نقاد آهي!....

هري موٽواڻي "سندي"
۹۹-۸-۴

سان ڳنڍي آهي. گيان - وگيان سان پيار اڪيلي ناري ابلا ئي لڳندي.

”شهباز“ ٻالڪن کي ونڊر سان ڳنڍوڳنڍ سوچڻ لاءِ به گهڻو ڪجهه مهيا ڪيو آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ کي ٻين ٻولين جي ڪهاڻين سان ڳنڍ بيهڻ جي وسعت ڏني آهي.

— هندواسي، ٢٩ جنوري ١٩٨٣.

[٢] **پشپ** - ١٩٨٣، ايسٽ سنڌي سڀا طرفان، ڪراءون سائيز، صفحا - ١٢٥، قيمت ڪانه ڏني، سمپادڪ - هولارام هنسراج، ايسٽ، امبجي - ٣٩.

سرڪاري، نيم سرڪاري ملازمن کي شاباس آهي جيڪي نوڪريءَ ڪانسواءِ لوڪل ڳالهين جي اڪائيڊميز مسافري پوري ڪري هيڙا رسالا پيدا ٿا ڪن. انهن سڀني جو مکيه مقصد هوندو آهي، وطن سان ڳنڍوڳنڍ سنڌي ساهتيه جي سيوا. صحيح ۽ سالميءَ رکڻ جهڙو ساهتيه ڇپائڻ هرڪنهن نوجوان جي دلي تمنا هوندي آهي. ان لاءِ پختل ازگن ۽ ساهتڪارن جون سيوائون حاصل ڪرڻ ڪان عار نه ڪرڻ گهرجي. ڪن هڪ ٻن ساهتڪارن کي ڇپڻ سان رسالي ۾ نه رس رهي ٿو ۽ نه ئي وري مقصد پورو ٿئي ٿو.

پشپ ١٩٨٣ ۾ ڊاڪٽر ارجن سڪايل جو ١٠٠ صفحن وارو ناول درج ٿيل آهي. سمپادڪ صاحب پنهنجي مهر ثان ارجن سڪايل سان پشپ جو ٢٠ سالن جو ناتو جڙيل ٻڌايو آهي. شايد ايسٽ سنڌي سڀا وارن ڪمس گود ۾ ورتل ليک ڪري تسليم ڪيو آهي. مشتولهن سنڌس حڪمت جو ڪونه ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو فائدو هن ناول ۾ ڊاڪٽر ٻاتر وسيلي ورتي ڇڏيو آهي.

اهو چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونه ٿيندو ته ٻوليءَ هندواڻيءَ جي ڪالمن معرفت سنڌيءَ جا گهڻي ۾ گهڻا ٻڌندڙ - پاٺڪ پيدا ڪيا. اڄ سوڏو ڪيس پڙهندڙ وڏي قدر ۽ عزت سان هندواڻيءَ ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪهاڻي ادب جو اهو مختصر فن آهي جنهن گهڻو ڪجهه چوڻ جي وسعت رکي ٿو. ٻوليءَ زندگيءَ جون ڪڙيون سچايون، حقيقتون ۽ ٻرندڙ سماجڪ مسئلا ڪردارن معرفت اسان جي سامهون آڻندا آهن. هن جي ڪهاڻين جا موضوع ڄاتل سڃاتل، ٻڌل ڏٺل آهن. ماحول جي سنڌي ڪونه آهي ته اهو روزمره جي زندگيءَ جو حصو ضرور آهي. "جڏهن ڳالهه پاڻي تي اچي" جو آدرشوادي شخص اڄ جي ٻوليءَ ماحول ۾ ڪامياب ليکيو وڃي ٿو ۽ معزز - ملاڪڙن جي ميدان ۾ اڳين صف ۾ جاءِ والاري ٿو.

ڪنهن عالم جو چوڻ آهي ته شخص جي هر ڪاميابيءَ پٺيان ان استريءَ جو هٿ رهندو آيو آهي، جنهن کي ڪيس، سندس غلطين جو احساس ڪرائيندي رهندي آهي. پوءِ ته ٻوليءَ جون استري ڪردار، ودروهه ڪندي، حق لاءِ لڙندي ۽ ناڪاميابيءَ جي چوراهيءَ تي ٿاٻڙجندي نظر اچن ٿيون. "هاڻي نه هوءَ ڪجهه به نه سهي" زندهه ڪردار هوندي به استريءَ جي گراوٽ جو گندو مثال آهي. الهڙائپ کي ڪاليجي موج مزي واري زندگيءَ ڪالپوهه استريءَ ۾ سماڻل ادائن معرفت گرهستيءَ ۾ ٿامڪو ڏيکارڻ وارو آدرشي مثال عام ۾ وڌيڪ مقبول ٿيو ها. "سر جو جواب پٿر سان"، "انگڙي"، "شهناز" ۾ استري ودروهه ڪري مرد کان پاسو ڪري ٿي. انهن جو ودروهه اهڙو هٺ کپندو هو جنهن ڪو مرد منهنگهه. ڪي ناريءَ کي اپنائڻ لاءِ مجبور ڪري، ٿياڳ ۽ مڪتي واري واٽ وٺي ان کي همت جهڪائڻ جي همت ڪري، استريءَ جي ٻورڻا مرد

جو "ناٽڪ ڪلا جو وڪاس" ۽ هڪ اهڙو ڪارنامو آهي. ناٽڪ ڪرڻ هڪ ڳالهه آهي پر اتهاس ۽ ڪلا لئي همت هلائڻ اهڙي جهڙي جو ڪم ڪونه آهي. ڍنڍوڙي مٿو رليءَ لئي ور ور ڪري وار ڪرڻ ڪالپوءِ ۽ جيئن پاڻ کي ان کان بچائي نه سگهيو آهي. سنڌ ڍنڍوڙي مٿو رلي، اڌوري ڄاڻ ۽ آڌارن حقيقتن جي سنگم مان صاف جهلڪون پئي ڏئي. حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ ڪري تحقيقاتي عملي جامو پهرائڻ لاءِ لعلواڻيءَ ڪافي ڪوشش ڪري ورتي آهي.

دهليءَ مان دادا گرسهاڻي، ممبئيءَ مان منگهاڻي، اجمير مان گوردن پارلي وغيره کان هٽ ڪري بيان سنڌ ڪم آندل ٻوليءَ مان ظاهر آهن.

شروعات ۾ ڀڳت ٻاٻت بيان ڏيندي پنهنجي اردگرد ڏٺل ڀڳتن لئي بيان ڪري سگهيو آهي. ڪاش محسوس ڪرڻ ڪيندو هو ته هو سنڌي رنگ منچ جو اتهاس لکي رهيو آهي ۽ نه، احمدآباد جون يادگيريون. ڪاش هندستان جي جدا جدا سنڌي بستين ۾ رهيل ڀڳتن جو احوال درج ڪرڻ ڪيندو هو. الهاسنگر، جيڪو اڃا ته سنڌيت جو گڙهه پيو لڳو سڀڪجهه ۾ اچي، اتان فقط گهنشام جو نالو ڏيئي، ڪشن، ڏاڙو، وشنو، ڪنهيو جهڙن چونيءَ جي ڀڳتن کي ڀلايو ويو آهي. بيان ڪيل ناٽڪن سان به ساڳي ڳالهه آهي. احمدآباد ۾ واٽهڙي چئي چوائيءَ رستي نروڪش تواريخي بيان ملڻ مشڪل ئي نه پر ناشدائي آهي. ان لاءِ ورهين کان جوڳي پڇائڻا پون ٿا. تڏهن ئي وڃي تواريخ ٺهي ٿي. ان لاءِ ڪلاڪار جي ضرورت ڪونه آهي. اهو ڪم تواريخ نويس جو آهي. گجراتيءَ ۾ ئي پهاڪو آهي ته "جنهنجو ڪم اهو ڪري، ٻيو ڪري خطا کائي". جيئن هو الي ئي خطا کائي ٿو وڃي.

ڊاڪٽر ارجن سڪايل ترقي پسند دؤر جي پيدائش آهي. حقيقتواد واري اسڪول جو شاگرد آهي، رومانوي دؤر سندس اکين آڏو گذريو آهي، جنهن جون جهلڪون سندس اکين ۾ اڃا تازيون آهن. ”اپسرا ٿي پئي“ پڙهي سچ پچ وشواس ٿئي پيو ته هي ناول اٽڪل ٢٠ ڪتاب ظاهر ٿيل ليکڪ جو آهي. ليکڪ جي اندر جي اٿل، سندس آڏو آيل واقعا ۽ اهي پڻ سماجڪ حالتون کيس لکڻ لاءِ مجبور ڪن ٿيون. پر جڏهن ليکڪ صرف لکڻ لاءِ ٿڏي چالو ۾ واهي واقعا گهڙي قلمبند ڪري ٿو ته اهڙا ڪارا پڌرا ٿي پون ٿا. گهڻو لکڻ ڪو ساهتڪار هئڻ جي سندن آهي. ان ڳالهه جو اهي خلاصو ٿيو پوي. پڙهندڙ ڊاڪٽر جي الهاسنگر، پوني ۽ ناگپور وچم پٽڪ اچ جو اڻ پڙهندڙ ضرور ته قبول ڪوله ڪندو. جتي وڻ نه هجي اُتي ڪاٽيرو ئي درخت، ان حساب سان ناول، پڙهڻ جي سمپادڪ صاحب لاءِ گلي ۾ مالها آهي. پيسٽ سنڌي سڀا وارن ١٩٨٣ جو اوجو لاهي پاڪن مٿان وجهي اُميد ته پاڻ ڪي هلڪو محسوس ڪيو هوندو.

— هندواسي، ٥ فيبروري ١٩٨٣.

[٣] ”ناٽڪ ڪلا جو وڪاس“ ڪرائون سائيز، صفحا ٢١٥، ليکڪ - پبلشر - جيٺو لالواڻي (گجرات سرڪار جي مالي مدد سان) احمدآباد، قيمت - ١٢-٧٠ رپيا.

ڪولاٻ پرنٽرس - هري مونواڻيءَ وارن منگهارام ملڪاڻيءَ جو ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ڇپائي جڻ انگريزي ڪاري ڪوتاڻ وارو جالبازيءَ جو واقعو ڪيو آهي. ان کي پار ڪرڻ لاءِ گهڻن ئي اديبن اچ سوڌو پٽي ڪوشش ڪئي آهي. ڪي وري ٿڏ ڪناري ٿي واهي ”چاڙهه ۾ چڙهون پيا هڻن“. جيٺي لالواڻيءَ

لکيل ڪتاب شاگردن جي ڏاڍا ڪم جا هوندا آهن. ٻال ساهتيه ۽ سنڌس وڏندڙ رچنائون ظاهر ٿي چڪيون آهن. "گلن ڦلن جي واڙي" ٻال اُپنياس ۽ هن الڳ لوڪ ڪهاڻين ڪري اُڻيو آهي جن جو موضوع اڄ ٻراڻو ٿيڻ جي چڪو آهي. هن اڻو ۽ اُنهن جي ٻگ، ۽ راڪاس، راڪاس جو ساٿي، طوطي ۽، طوطو ٻهري ۽، ٻهرو ڪوهه ۽ وغيره ٻارن کي نه ٿي ڪا اصليت ٿا ڏين ۽ نه وندر جو وسيلو ٿا ڏئين. راجا جي راڄ ۽ ڏينهن ڪري جهڙي مارڪ، جنهن جي رچنا ٻهاڙي لاءِ حمايت ڪئي آهي، اڄ جي سٿي، سنسار ۽ ڪير ٻڌڻ ٿا چا ٻڌ ٻالڪ ٻسند ڪونه ڪندو.

ها، سنڌي ساهتيه ۾ ٻال ساهتيه جي کوٽ آهي. اڻاٺ آهي ان جو اهو مطلب ڪونه آهي ته هيڏانهن هوڏانهن جي ٻڌل بي مقصد ڳالهيون ٻڌا ڪنهن ثابت قدم جي، ساهتڪ اُصول ۽ سڌانت وساري ڇڏي ان کوٽ جي ٻوراڻي ڪجي. اڄ هر ٻولي ۾ ٻال ساهتيڪ "شاخ انگوري" آهي جنهن سان ڪنهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ گهرجي.

ڪتاب جي قيمت ٻارن لاءِ نه ٿا ٻهر مائٽن لاءِ مشڪل ۾ ڳري آهي. ٻارن لاءِ سٺو سستو ساهتيه وقت جي اقتضا آهي.

— هندواسي، ۴ ڊسمبر ۱۹۸۳.

[٥] "سنڌي ادبي گلدستي جا گل" - هن دفعي ڪتابي سوالنامه لاءِ لکندڙ ساليانون مئگزاس ڇولڻيون وٺيون آهن.

ڏياريءَ جي موقعي تي ڇپجيءَ ۽ ان جي آس پاس مرهٽيءَ ۽ ساليانو مئگزان جو جڻ سمجهه اُٿلي ٻولندو آهي. آڌيس وغيره ۽ عملو گڏجي خريد ڪري ٻڌڻ جو سلسلو جاري رکندا آهن.

ڪتاب جو صحيح سرو ”سنڌي رنگ منچ جو اتهاس“ ڏنل مواد کان ثابت آهي. ڇو ته اندر ناٽڪ ڪلا جي ته بوءِ به ڪونهي آهي. ڪٿي ناٽڪن جا نالا آهن ته، ڪٿي وري ڪلاڪارن جي فهرست. باقي ناٽڪ ۾ ڇا آهي اهو شايد پڙهندڙن لاءِ ڇڏيو ويو ته ناٽڪ ڏسي پاڻ ائين ڄاڻن.

سنڌي ساهتيه ۾ دستاويز کي باقي سڀني ساهتڪ صنفن کان وڌيڪ ترجيح ڏني ڏني وئي آهي. ان ڪري ئي اصلي اعليٰ ڪلاڪارن جي ڄاڻ عام کي گهٽ آهي. جيئن هڪ ڪامياب ڪلاڪار آهي، جسوانت ڪمار ۾ ناٽڪي جوهر سڀ کان پهرين ڏانهن ڏيکاريل آهن، منگهاڻيءَ پهنجي زندگي ناٽڪي ادائن ۾ صرف ڪٽي آهي ۽ اهڙن جوڙي ڪلاڪارن جو قدر سنڌي جاتي اڄ سوڌو گهٽ ڏني ڪيو آهي، ان ڪري ئي ڪلاڪار گوڏڙيءَ جي غيب ۾ غائب ٿيو وڃي يا پهنجي ڏني پاڻ ٿيڻ واهي ٿو رهي. جيڪا ڳالهه ڪرڻ کان جيئو به رهي ته سکيو آهي.

— سنڌي ٽائيمس، ١٢ سيپٽمبر ١٩٨٣.

[۴] ”گلن ڦلن جي راڻي“ ٻال ايڪاس، رچنا - جڳديش لچاڻي، ڪلهي ساٿين، صفحا ۴٠، قيمت چار رپيا، ڇپائيندڙ - ونيتا پبليڪيشن، الهاسنگر - ٣.

ٻال ساهتيه جون ٻارن لاءِ ادب ۾ مضبوط آهن. لوڪ ادب مان ئي اوان غيرا ڪٿي ساهتڪ ٻالوڙيءَ کي سرسبز رکي سگهجي ٿو، ٻر ان کي زماني جي ڦرندڙ گهرندڙ فضا آوسار جي نه ڦيرائبو ته مقصد ادراب ڪونه ٿيندو ۽ نه ئي وري ٻارن کي موج ۽ مزو ايندو.

جڳديش لچاڻي سنڌي ساهتيه ۾ ناليرو ليکڪ آهي. سنڌس

گهٽي ڪئي ۽ ڌيرج جي ضرورت آهي.

ڪرشڻ ڪنواڻيءَ جي ”اوپرو“ ڪان پوءِ آلهاسنگر ۾ پيدا آشرم جو مهورت ٿيو آهي. پر وهين جي وڻي گهڻڻ جي ڪاڻ آهي.

وشنو ڀاٽيا جي ”خونخوار چانڊوڪي“، شيام جيسنگهاڻي جي ”دي سپس پٽون“ ۽ پيون سنڌ جيون ڪهاڻيون لکندڙ ۽ چوانڊ ڪندڙ کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. انگاڻپ پڙهندڙ ليکڪ هڪ چڪيندڙ ۽ دل پهلا ٿيندڙ موضوع آهي؛ پر ساڳئي وقت مجموعي ۾ هڪ هندڪ ڳالهه ڪهل ٿي اخلاقي لوڙي قانوني ”وايرانڻ صحت لاءِ خطرناڪ آهي“ وارو سرڪاري ليبل لڳائڻ بهتر آهي.

”پوڄي“ پئڪ آف پڙوداسندي سيا جي پهريان پيشڪش آهي. ”هندستان“ اخبار وارن جي ”سندي ساهتڪ ڳگن ۾ هڪ ٿئون راڪيت اڏاڻو“ جي سري سان خبر سندي آڪاس منڊل جي پولار ۾ ڏماڪو هئي. شري ليلي رچنداڻي جو ”جهولي لال“ هفتيوار اخبار معرفت پهريان الڪ جو سواگتي ليکڪ مثالي رهيو.

رزرو پئڪ سندي سپا پاران ڦتن پرسواڻيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪرندڙ ”الڪا“ جو هر سندي پاٺڪ کي انتظار رهندو آهي. سمپادڪ ڦتن پرسواڻي سندي ساهت ۾ چالو سچانل جاڙن ليکڪن مان هڪ آهي.

١٩٨٣ع واري چوانڊ ڏسي انين چئي سگهجي ٿو ته سواءِ پڙهندڙن ممبر ليکڪن جي ڦتن جي نظر سندي ساهتيہ ۽ انٿل جهولن درختن ٿي ٿي پئي آهي. نندين نندين نون اسرندڙ غنچن واري گس ڪان پاسيرو لنگهي ويو آهي. چندرو پنجابي ۽ پٽن سائين جي آلڪا لاءِ مدمت ساراهہ جوڳي آهي.

پمبئيءَ جي سامولنڊي گجگوڙ ڪان دور ڪنڊلا پورٽ نرست

اهڙي موقعي تي سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ لکڻ جهڙا رسالا ٻيا ڪٿان ٿا پياس پوري ڪري سگهن. وري به شاباس آهي اهڙن سپاهين جي ناليڪارن کي جيڪي سنڌيت جي جوت جڳائڻ لاءِ همت نه هٽي رهيا آهن. اُن سان گڏوگڏ سرحد پار وارن سان به ناتا جوڙڻ جو واحد وسيلو رهيا آهن. ساهتيه جي ڪلي ڏي وٺ سياسي الجهن کي سلجهائڻ جو هڪڙو هٿيار ٿي سگهي ٿي.

هن سال قابل ذڪر رسالن جي ڏسڻ جو موقعو مليو آهي، جهڙوڪ: ”جهجل“، ”پولجي“، ”الڪا“، ”چولهون“، ”سرهاڻ“ ۽ ”پشپ“. اهڙي ئي قسم جا ٻيا رسالا اڪرانڊ آهن - ”سورت“، ”مومل“، ”هلچل“، ”جهانزالي“، ”آهار“، ”ڪپر“ وغيره.

جهجل جو جسوانت ڪمار هاڻي ڪئهن ڪان اڳهو ڪولي آهي. جهجل ته جنم ڏينهڙو آهي ئي، پر جسوانت جهجل کي جيءَ سان جوڙي رکڻ جي ڪاڪوڙ جاري رکي آهي. سندس چولب ادبي حلقن ۾ خاص مقام حاصل ڪري چڪي آهي.

جسوانت ڪمار جي چوڻ موجب ڪئهن به پالڪ يا آلوچڪ هر پرچي ۾ سماال مرڪزي نقطي ڏانهن ڌيان ڪولي ڏنو آهي، ادل ٽائين ڪولي آهي. ڌيان ضرور ڏنو آهي پر لوهان ٽائين شاهد ان جو ذڪر ڪولي پهتو آهي.

جهجل - ٨٣ جي چولب قابل داد آهي. پوپٽيءَ جي ڪهاڻي ”آدرش“ جا آدرشوادي اڄ هر سما جا سرمور ٿيا ويٺا آهن. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ڪهاڻي ”جامشوري جي پل“ ۾ هن پنهنجي سياسي چاڻ جا اهڃاڻ ڏنا آهن. موضوع کي وسارڻ ته پوليءَ مان مزو نه ايندو. پر جذبات مڙئي فني خوبين جو ذائقو ڦري ٿي ڇڏي.

اشور چندر جي ڪهاڻي ”گهر ڏانهن موٽندي“ پڙهڻ لاءِ

ٻدران ٺپيل اصلوڪن رچنائن کي درج ڪيو وڃي ها ته بهتر. ايئن ته سنڌ جو ساهتڪ سرهاڻ کي تازگي ۽ نواڻ بخشي ها.

اهڙو ئي هڪ ٻيو رسالو بسنت سنڌي سڀا پاران "پشپ" آهي. انهن ۾ ساڳئي ليکڪ ارجن شڪايل جو نئون ناول پهچ ۾ ئي ظاهر ڪيو آهي. ٻنهي معتبر ليکڪن جي رچنائن ۾ ڪچايون ڦڪايون نظرانداز ڪري سگهجن ٿيون پر ٻاهران چونڊ ڏيکان جوڳي هئڻ گهرجي. معيار ڏانهن وڌيڪ لاڙو هجي ته بهتر. سمپادڪ مهاشي، هولارام هنسراجاڻي کان شايد ٻڳو ڪولهي جو هو ته ٻيو ٻاري وڃي رچنائون هٿ ڪري.

ٻمبئي ميونسپل سنڌي سرڪل نصيب واري آهي جو کين واسديو نرمل جهڙو هڏ ڏوکي، مانيٽو ۽ ناٽڪي ادائن کان ٻري، سنڌو سادو انگريزي ڪيون انجنير سمپادڪ طور مليو آهي. سندن "سورت" جا خاص "ٻال انڪ" مذاقي انڪ ۽ ناٽڪ انڪ هر ساهتڪ ٻراميءَ جي ڪتبن ۾ سينگار ٿي رهندا. انهن سڀني ٻنهان واسديو نرمل جي انٿڪ محنت اڦواي اما آهي.

سينٽرل ريلوي سنڌ سڀا پاران "مومل"، وينسرن جي "هلچل" جهڙي سالياني پرچا ڪيڻ جا شائع آهن. انهن جي مومل ۾ هاڻي اڳيون ڳالهه نه رهيو آهي ۽ نه ئي وري هلچل کي زور وٺائڻ وارو ڪو معتبر دوستيوار ۽ مٿي ماڻهي جي دپاه هيٺ سنڌي ساهتڪ، ۾ گهٽ ئي ٻهر ٻيو ڪو نڪري. ان ئي لهڪ ئي جي ٻند ڪيو ته ٻاهجي ٻورت ٽرسٽ سنڌي سڀا پاران "جهازراني" ٻڻ نڪرندي نظر ايندي. ان جو بوجهه ته فقط جهاز ئي جهلي سگهندو. رسالو مقدار ۾ جيترو ٿلهو هوندو آهي مواد ۾ اوترو ئي پيٺو. ٻاڪي سڀ ساموانجي ڪارو ٻاٽي. ٻالڪارن کي سڃاڻ ٻالڪن ۽ نوزرگ، ساهتڪارن سان سنڌيڪ جوڙڻ گهرجي جيئن سندن سنڌي ساهتڪ شيوا وڌيڪ سڦلي وڃي.

سنڌي سڀا جون ”چولهون“ هنن ٿڌي هير جو احساس ڪرائين ٿيون. ڪنهن ٻئي جو هونءَ به، سنڌي سماج سان خاص سنبنڌ ٻڌي رهيو آهي. مضمون ۾ مواد ڪان وڌيڪ مزو نه ويهن ٻنجن ۾ ٻڪڙيل مضمون جي لسٽ ۾ آهي. لسٽ ۾ ڦلو ڳوٺاڻي کان شهاڻي، آڏواڻي ٻاران عامل ٻڻ آهن. هڪ ٻندر اندر اڻيڙيءَ سنڌ جو احساس ٿئي.

رڳو همٿاڻيءَ جي موزون چونڊ ”چولهون“ جو سنڌي ساهتڪ معيار جو حصو هجڻ جو ثبوت آهن. انهن لوڙي ٻراڻي ٻيڙهيءَ کي همٿائي گڏيل ساموهڪ سفر ڪرايو آهي،

ٻو ٻئي هيرانندائيءَ، وليرام ڪرشناڻيءَ، اندرا واسواڻيءَ، ڪملا گوڪلاڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ ورهاڱي کان پوءِ سنڌين جي حالت، انهن ۾ گڻ-دوش ۽ اڄوڪي حالت ۾ سنڌين ۾ اسٿتيءَ جو ڀرپور بيان ڪيل آهي.

ٿوري ۾ انهن چئجي ته ”چولهون“ ١٩٨٣ع سنڌي سماج جو ٻهڳجو آئينو آهي جنهن ۾ گذريل ۽ هلندڙ ٽڏاندڙ عڪس آهن. ٻائي ٻرتاب جي زندگيءَ جي ڪنهن اڻاڳر پهلوءَ جو بيان ”چولهون“ جو قدر اڃا به وڌائي ڇڏي ها.

چولهن کي سچاوڪ ائگر اٿڻ کان سواءِ ٻمبئي شهر جو احوال ضرور ڏيڻ کپي، جنهن سان سنڌي سماج جو گهرو سنبنڌ آهي.

ڪلچرل سوشل سرڪل ٻاران جنهن جا پالڪار ۽ مصور انڪم ٽئڪس آفيس جا ملازم ٿي آهن. ”سرهاڻ“ رام ڪڪريجا جي سمپادڪيءَ هيٺ چڱو مواد پيدا ڪيو آهي. اون لمڪن کي همٿائڻ جي ٻوئواري ڪندي روسي ڪهاڻين جو مجموعو ۽ چندولعل جئسنگهاڻيءَ جو اصلوڪو ناول به شامل ڪيو ويو آهي. ڪٿو ڪٿو ڪري گڏ ڪيل ٻولڪ ڀئسي مان لڪڻ هڪ ٿي ”سرهاڻ“ ۾ اهي به مجموعا ڇرڪ ٻرائي ٿا ڇڏن. ان جي

پڙهي لکندڙن جي ذهنيت جو اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونه
آهي. سندن وچمان چنڊال وٽيءَ ۾ ڪافي تنقيدي مصالح ٿي رهيو
پيو آهي. ساري مهاڳ تي لکڻيون نه، پر ڳاجرا پاڻ ۽ ان جو
نر ڇاپيو پيو آهي. پروفيسر شيوڪاڻي پاڻ کي "هيرو" ثابت
ڪرڻ لاءِ گهڻو ئي لڇيو - ڦٿڪيو آهي، پر اڳاڙيءَ ڳالهين ان
۾ ڪامياب ڪونه ويو آهي. ڇو جو ليکڪ (ڳاجرا) پاڻ، جيڪو
١٠٠ (سؤ) ڪن ڪتابن تي تنقيد لکي چڪو آهي، ان بلڪل
صاف اکرن ۾ اعلان ڪيو آهي "مهاڳ" جو اڌ مون کي سمجهه
۾ ڪونه آيو ۽ باقي اڌ مان هضم ڪري ڪونه سگهيس (پارلواسي).
مهاڳن جي مهارٿي سرڳواسي لعل سنگهه اجواڻي، جنهن کي هي
ڪتاب ارپڻ ڪيل آهي، مهاڳ پڙهي "اڇل" نه پر شايد
غوطا کائي ها.

ڳاجرا سنڌي ادب ۽ سياست ۾ ڄاڻل - سڃاتل شخصيت آهي.
سندس زندگيءَ مان فقط "ادبي تنقيد" وارا صفحا الڳ ڪرڻ
مشڪل ئي نه پر مها مشڪل آهن. سمالوچنا جا هن وقت
پيمانا ماڻ ۽ ماپا آهن. هن جي تنقيد ۾ اخلاقي عناصر جهجها
ملن ٿا. جيڪي هو ور ور پنهنجي مضبوط ارادي، مخصوص ۽
محدود خيالن سان، وڌندڙ شڪليءَ ۾ بيان ڪري ٿو. ساهتيہ ۽
زندگيءَ جي سهڻي سنگم مان هو موڄ ۽ مزو ماڻڻ چاهي ٿو.
الائي ڇو ڪيس منگهارام ملڪاڻي سنڌي يونيورسٽيءَ جو
سرٽيفڪيٽ ڇاپڻ جي ضرورت محسوس ٿي آهي؟ هن جون
تنقيدون سنڌي ادب جو سماجي ڪارج ڪاميابيءَ سان پورو
ڪن ٿيون. ڪٿي ڪٿي سندس تنقيدي روش انترو ٿ. اڪڙ
قري ٿي جو محسوس ٿئي ٿو ته هتي انانڪ جو پردو زوريءَ
ڪيرائي سپن - نظارو پڌرائو ويو آهي. ان جو مثال "انظر لظرا"،
"سنڌي شاعريءَ جا ٥٠ سال"، "م عزيز - شخص ۽ عالم" مان

لاءِ سرڪاري خرچ تي راجستان سنڌي اڪاڊمي جئپور پاران "رهاڻ" جو ساليانو سلسلو شروع ڪيل آهي. سنڌن رهاڻ- ٨٢ الهدين انصاري ۽ ايشور چندر- سماسڌان ۽ ساهتڪار جي گڏيل لگرائيءَ ۽ همت ظاهر ٿي آهي. پرچو شاندار ۽ سارائڻ جوڳو آهي. ساهتيه ۽ سماسڌان کي به جوڳي جاءِ ملڻ گهرجي. جيڪا اڄ جي سنڌي ساهتيه ۽ حالتن جي تقاضا آهي.

— سنڌي ٽائيمس، ٢ جنوري ١٩٨٤

[٦] "ادبي تنقيد" سمالوچنائن جو سنگره، ليکڪ ۽ پرڪاشڪ- پنڊيو گاجرا، ٽامي سائيز، صفحا- ٢٩+١٤٩، قيمت- پندرهان رپيا.

ڪتاب ۾ ليکڪ کان اڳ مهاڳ، ۾ به ليکڪ جو رواج هاڻي پئجي چڪو آهي. مان به ان سهوليت جو فائدو ٿو وٺان. پروفيسر شيوڪاڻيءَ جي لکيل مهاڳ ۾ گاجرا، پنڊيو گاجرا، شري پنڊيو گاجرا، گاجرا صاحب جهڙا اکر پڙهي مغل شهنشاهه جي دربار ۾ اچڻ وقت سندس حاضرين، خدمتگارن طرفان اچڻ جو اطلاع جناب عالم، شهنشاهه- اي- شهنشاهه، پادشاهه بيدار رهي هتي وارو واقعو اکين اڳيان ڦرو اچي. "ليکڪ جي قلم مان" صفحو- سٽ ١٥/١١ "ڪٿي به، اهو ممڪن آهي ته، پروفيسر شيوڪاڻي منهنجي ڪري آلوچنا جي اولي ڪڙي آلوچنا پهنجي مهاڳ.... ماسٽر پاڻ کي تيار رکيو آهي." اهو پڙهي مهاڳ جو صفحو- سٽ ٨/١٧ .... "شري پنڊيو گاجرا لاءِ مون کي عزت آهي. هو به مون کي پاليندو آهي .... مهاڳ- ليکڪ جو شرف ڏنائون .... مون مان به اهڙيءَ ايمانداريءَ جي اميد رکي ٿو." اهو سڀ ادب ۽ سماسع جو ڪمائي مطلب

اڻهو هئڻو آهي. اهو احساس سان گهٽ همت ڪري سگهبو آهي. مذاق ڪنهن سان ڪيو آهي ۽ طنز ڪنهن جي ڪارگذارين يا ان تي ڪئي ويندي آهي.

سنڌي ساهت ۾ اهڙي قسم جي ساهتڪ جي کوٽ تي اڳ ۾ ذڪر آهي. تنهن هوندي به الائي ڪهڙي خيال کان ”نيڻو لعل“ جي ليکڪن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. اهي فقط پارٽواسي جي پاڻڪن لائين محدود رهيا آهن. ساهتڪ ۾ اهڙي چيز سياسي نقط نگاهه کان پلا ڪيترو وقت لڪائي سگهبي. وشنو ڀاٽيا مهاڳ ۾ صاف لکيو آهي ته ”گاجرا ڪانگريس جو ڪميٽي ورڪر آهي (صفحو ٩ سٽ ١٦)“ ان ئي وشنو کي گاجرا ۽ نيڻو لعل جي شخصيت ۾ اهڙ هڪ جهڙايون نظر آيون آهن. (مهاڳ صفحو ٤ پهرون پئراگراف) ۽ ڪيس اهو به چئو ٿو لڳي ته اڄ جي واپار شيلتا ۽ وواهڪ شيلتا ۾ گراوٽ آئي آهي. ان استٿي ۾ پلا نيڻو لعل پئي ڪنهن طرح جو وهنوار ڪئن ڪيو ڪري سگهي؟ (صفحو ٤ سٽ ٧-٨) ۽ ليکڪ پاڻ ”پر اڪثر“ لکندي چوي ٿو ”من ۾ تڙپ پيدا ٿئي ته انڊيسن ۽ اسٽيل (انگريزي ليکڪ) جيان آءٌ به هڪ ڪالپنڪ ڪردار جي ايجاد ڪريان، جنهن جي ذريعي سماج جو انهن ابرائن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جو يتن ڪيو وڃي. اُن تڙپ جي پيدائش هئي ”نيڻو لعل“.

وڌندڙ، صاف سٺري ٻولي ۽ موضوع جي تازگي سچ پچ دل ۽ دماغ تي اثر ڪن ٿا ۽ ڪتاب پورو ڪرڻ کان سواءِ رکي نٿو سگهجي. ويهه سال اڳ نڪتل ليکڪ جيڪي نه تازو ئي نڪتل پيا ٿا پاسن. سو انهن کي پڙهڻي منهن جو گهٽجڻ گم ڪرڻ ۾ نه چڱي هئي ڏيندو.

نيڻو لعل سرڳ مان خط لکيو آهي يا اسرڳ مان (صفحو ٩٤) ان جي تصديق ڪونه ٿي سگهي آهي، ڇو جو ان لاءِ اکين

ملي سگهي ٿو.

”ادبي تنقيد“ ڪتاب سنڌيءَ جي هر شوقين ۽ ذهين پاٺڪ کي پڙهڻ ۾ مزو ضرور ڏيندو. شاگردن کي تنقيدي ڪروٽين سمجهڻ ۾ چڱي مدد ڪندو.

— هندواسي، ٢٦ آگسٽ ١٩٨٤.

[٧] ”ٽيمنوامل“ ليکڪ ۽ ڇپائيندڙ - ڀڳوان لالچند گاجرا، ٿاڻي ساڻيز، صفحا ١٢٨، قيمت - ڏهه رپيا، ٣٤، اگهاري لين، فورٽ، ٻامبي.

لهيءَ جي واد وواد هاڻي ٻند ٿي چڪي آهي. هيتوٽيڪ پاليڪار اڃا هڪ ناول لکي ورتي آهي جي گڏيل مسودي کي ظاهر ڪري ڪولو سگهيا آهن. اڄ اهو سيان اهو اهو پنڊرانو پنڊرو ٿي ٻولندو. ان معاملي ۾ ماضيءَ جا ورق ورائيندي انهن محسوس ٿئي ٿو ته گهڻئي ادبي گوهر عام ڪان کٽجي ويا آهن. انهن جي شخصي، سياسي ويچارن کي وانگو ڪري سندن ادبي ورقن مٿان لهڻو پائو ويو آهي. ”ٽيمنوامل“ به ان حادثي جو شڪار آهي. وري به شڪرجو وشو پاڻما جي مهاڳ ۽ مرضيءَ سان سندس زخم ڪجهه ڀريا آهن ۽ هاڻ هو امر ٿيڻ جي لالسا کي اندر ۾ دٻائي ادبي آڪاڙي ڏانهن پنڌ پيو آهي. ٽيمنوامل جو سرجڻهار هڪ هوشيار ۽ ڪامياب سياستدان ته آهي پر مهاڳ لکندڙ فقط اول درجي جو ساهتڪار ٿي آهي، ڪيس سياسي داوپيچن جي لکا ڪولو پئي آهي، اڪري ٿي هو فقط ٽيمنوامل جي ساهتڪ پهلوءَ کي اجاگر ڪري سگهيو آهي.

طنز ۽ مذاق روزمره جي زندگيءَ کي چهرو چٽڻي ايائنڻ لاءِ ضروري آهن. صحيح ۽ ٺز طنز ڪرڻ ڏاس آهي. حاضر جوابي

ماءُ جي روپ ۾ هوندي، چوندا آهن ته عورت هڪ ئي وقت مـاءُ، ڀيڻ، ڌيءُ وغيره جو پارٽ ڪاميابيءَ سان ادا ڪندي آهـي. تنهن ماءُ، مائٽي مـاءُ، جنهن جو تصور ئي اڄ ساه سڪائي ڇڏيندو آهي. ان جو بيان پڙهي انهن لڳي ٿو ته پنهنجي آڳرائون هڪجهڙيون ڪونه آهن. اچا ۽ ڪومل هرڻا سنسار ۾ آهن. ٿالي ۾ ڇا آهي؟ نثر مان اوليند ۽ پوءِ وري سندس سنڌيت کـي ڏيئهن جـي روشني ۾ ڏيکاريندڙ سڪ، مهمان نوازي ۽ انڊيڪ جون پيون يادگيريون ونڊڻ ۽ صاف اکرن ۾ چيل آهن.

سدا حيات ماءُ روپچرام کـي ليکڪ ٻهرٽن پڪ مدهي ۽ پوءِ عالمي انسان طور ڏيکاريو آهي. اڄ اهي رشتا ناتا ٽٽندا پيا نظر اچن. پيءُ جي مامي ۽ پچاڙيءَ ڏانهن لڏڪ لڳايو آهي.

"مهنجو ٻهراون پيار" - زندگيءَ ۾ ڪي گهڙيون اهڙيون ضرور هونديون آهن جن جي ياد عمر ڀر سٽائيندي رهندي آهي، اي خوشيءَ ۾ ۽ جذبات جي ڏارن کي ڇهڙيندي رهندي آهي. پالڪپڻ جون اهي گهڙيون، اڌڙن دادڙن راند ان ۾ صاف ٻاراي ماڻهيءَ جي ڪلا جي چٽ پائي چمڪي پيئون آهـن. معصوم دل تي ٿيل گهرا اثـر ئي انسان ۽ حيوان پٽائين ٿـا. زينت سان سندس ادوگاٻرو پيار، ابوجهه جذبا، جانيوان، پنگتي رسمن ڪرسمن جو بيان ڏنل ٿـا. انهن ضرور محسوس ٿئي ٿـو اهي سـب سچائيءَ سان بيان ڪيل آهي جن ۾ وڏاءُ، لڪ لڪاءُ بلڪل ڪونه آهي.

عارف شاه، صوفي، لاڪوفي، لاطمع، فرقيپرستيءَ کان آجو، ديندار، طاقت ۾ هوندي به ان جي نشي کـان دور، وڙهاڳي کان اڳـ پوءِ جون ڏکيون حالتون اکين آڏو آڻي ٿو. عار تي شاه جي ياد تازي رهندي ايندي. هي گوپند ماڻهيءَ جا ٿـ

ڏني شاهد جي ضرورت ٿي محسوس ٿئي، پر خوشي ان ڳالهه جي ٿي ٿئي ته مٿي خدا تسلي وٺ ٿو. سنڌي ٻولي خط پٽ لاءِ منظور ٿي چڪي آهي جو ديو ناگريءَ سان ڪرڻ گهرجن ٿي سوار ٿي خط هٿ هيٺ پارلواسيءَ ڪي ٻهتو آهي.

مٿر دوست جي سهڪار ۽ سهائتا ملڻ ڪاڻپوءِ ڪتاب جي قيمت ڏهه روپيا، ٽيٺوامل جي درٻار-دليءَ ۽ سستي مشهوري ڪي ڏک هٿڻ ۾ ڪامياب ٿيندي.

— هندواسي، ٦ جنوري ١٩٨٥.

[٨] "ٻهريون ٻيار ۽ ٻيون يادگيريون" ليکڪ- گوبند مالهي، ڪرانسون سائيز، صفحا-١٢٨، ڇپائيندڙ- ڀارت جيون ساهتيہ منڊل، الهندگڻ روڊ، ٻامبي-٨، ڇاپو ٻهراون ١٩٨٤، قيمت- ١٢ روپيا.

هڪ حقيقت شناس سنڌي ادب ڪي سماج لاءِ چهڪي ڪجهه ڪرڻ ڪهڻي، گوبند مالهي اهو ڀارت اڻوائي ادا ڪري رهيو آهي. فقط لکڻ هن جو شغل نه رهيو آهي. جاجڪ ٿي ڏورو ڪندي سنڌي مٽر واٽي دور دراز ڳالهين پهچائڻ ۾ هن جو خاص هٿ رهيو آهي. جي چاهي ها ته پنهنجي وڪالت جي ڏالهي سان خوب جاوا ڪري سگهي ها پر اهو نه ڪري ته سنڌيت جو پيغام پهچائڻ، سر تي خوشيءَ سان هموار ڪيو ائس. سنڌي ساهتيہ ٻراهي سچاڻ شاهوڪارن ڪي اهڙن جو قدر ڪرڻ جڳائي.

هر سچاڻ شخص جي پنهنجيون يادگيريون سچائيءَ سان ڇپي ته ان ڪان وڌيڪ تواريخ جا صحيح ورق ٿي لڀي سگهن. مالهيءَ جون ڏالهيون يادگيريون وانبدي، ماڻ سان سفر- ٿئي،

خوبيون هر پاڻ کي ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ لاءِ آماده ڪنديون. ذهين پاڻ کي پوءِ به پڇتائيندو ڪونه. سندس ذهن جي ڪشش جو دور شروع ٿيندو. ڇهولي؟ ڪوتا علم عروض، ڇندن ٻنڌن، قافين رديفن ۽ سرگم جي سٽن سون سان سجايل ذهن به ٿازي ٿري ايندس، انهن سر کي اندر ٻير پاڻ مهل "پلي ڪري آيا" مشڪل سان مٿس ملان لڪرائيندو. لاماڻو شايد اُپرائڻ او ٻار کي اولهه. سمجهڻ جي ٻرم به آهي. ان ڪري ٿي اسون جي ڇڙواڳيءَ ذالهن هرڪنهن جو ڌيان ڇڪڻو ڇڪجي وڃي ٿو. انهن ڪوتا به علم عروض کان آزادي ٻڌائي آهي. سو ڪم خيال جيڪي وزن جي ٻنڌڻ به ظاهر ڪري سگهجن، اهڙن نفيس نازڪ خيالن کي انهن ڪوتا رستي پڌرو ڪرڻ جي اجازت مليل آهي. ان به ڪي سوڪيم ٿي مڪي کان ٻچاڙيءَ ٿاٿين ٻاڻ به جڙيل ضرور رهن ٿا. ردم رهندو اچي ٿو. فقط اڪرن جي ڪلابازيءَ کي انهن ڪوتا ڇڏي ڪونه سگهيو. اڄ جي زندگيءَ جو ڀرپور بيان، ان جا بدلجندڙ مانڻ-ماپ، انساني اُمنگن ۽ احساس جو ذڪر شدت سان هئڻ انهن ڪوتا جا مکيه لنگهه آهن. حقيقي حالتن جو بيان ڪندي ڪوتا ان جي اثر لاءِ رکجي ٿي اٿي ۽ نه ٿي وري آدرشواد جو پاڻ اُچاري ٿي. هن جي هر اکر-اکرن وچم ڇڏيل وٿيءَ به معني جو بوجهو سهڻ جي شڪتي هئڻ جڳائي. اِلي عام فهم جو به خيال ضرور رکيو آهي. ساهتيه عام لاءِ ٿي جنم وٺي ٿو، جي ان ۾ سمجهڻ نه ان جو بنيادي مقصد ٿي برٿواب ڪونه ٿيندو. الي ناماڻو جو اتون سر عام کان ڪٽجندو نظر اچي ٿو. اکرن به انڪلون ۽ بيان بازي عام به ساهتيه ۽ ساهتڪار ڏالهن ٻي رخيءَ جو پنج ڇٽين ٿا. ساهتڪار کي پاڻ جو امتحان وٺڻ جي خوشفهميءَ کان ڪنارو ڪرڻ کپي. اتون سر جنم وٺڻ کان اڳ ٿي آسمان

پر هر لڏي آيل سنڌيءَ جا جذبا آهن پر ايترو ضرور چئبو ته
ماڻهو اڄ سوڌو اهڙي شهاڻي حڪم جو قائل رهيو آهي. "منهنجو
ساهت سان سنبنڌ" ۾ الفالي جمال الدين بخاري سان گڏجڻ
ڪري (صفحو ٨٢) اڄ سوڌو ڪانگريس ۾ پر ڪميونسٽ ڌارا
۾ رهڻ جو واقعو ۽ پوءِ الفاقن جي دنيا ۾ رهڻ ماڻهوءَ جي
ڪمزوريءَ جي نشاني آهي.

سياست ـ ديدار بازي الله راضي ۾ سنڌ جون پنگتي حالتون
صاف جهلڪا ڏين ٿيون. هڪ پيرو وري ۽ ماڻهوءَ اسٽريءَ ۾
سماڄ خوبين کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. "منهنجي
ڀيڻ ـ منهنجي همراز" سچ چوندا آهن ته شاديءَ کان پوءِ
پادشاهه ڌيءَ جي روئي ڪوڻ لڏي آهي. سنڌس ڀيڻ ڪيتري
قدر ساهرن ۾ غلطفهميءَ جو شڪار ٿي رکي آهي. اهو هڪ
پيءُ جي اکرن ۾ ان جي موت کانپوءِ ڇهل "مالڪ شڪر آهي
منهنجو" (صفحو ١١٤) ۾ صاف ظاهر آهي. هڪ پيءُ شادي
ڪمل ڌيءُ جي موت جي خبر پڏي، اڌو ساهه پوري پاڻ کي
هلڪو محسوس ڪري ان سان ان جا ڏکڙ درد سڀ فقط محسوس
ڪري سگهجن ٿا. ننڍاڻي گهر، جمل ۾ امان ڪمل سڪڙ،
انگريزن جي ڪمل ظلمن تي اڌو چنبو وجهن ٿا.

[٩] "اڌون سر" اشين ڪولا، ليکڪ ـ نامديو تاراچنداڻي،
چيئرمين ـ ديپشڪا پبليڪيشن، آزاديا اپارٽمينٽس، سواسٽڪ
پارڪ، چيمبور، ممبئي ـ ٧١، سنوادڪ ـ شيام جيسنگهاڻي،
ڇاپي سال، صفحو ـ ٨٤، قيمت ـ ٢٠ روپيا.

دلچسپ سر ـ دلڪش ڪور ڊزائين، ساهتي، ڏاهن جواهدار
پبلشر ۽ اشين ساهتي، ڏاڍهن سجاڳ سنوادڪ، اهي مڙني

لکمي ڪلاڻي سول ڊگري ورتل انجنيئر ٺيڪيدار آهي. سنڌي ساهتيه ۾ هو، فقط ليکڪ اديب پر هڪ جدولي شخص طور به ڪاهي پيو آهي. ان ۾ ڪيس ڪلڪتي جي سنڌي يوٿ ائسوسيئيشن وارن جو پورن سهڪار ملندو پئي رهيو آهي. پڻي هڪبئي لاءِ ڀوڳي ثابت ٿيا آهن. چوندا آهن سفر هڪ کليل ڪتاب مثل آهي. اکيون کولي هلڻ وارو پاڻمرادو مڙو پيو ماڻيندو، ان وٽان آيل احوال به وڻندڙ پيو پاسندو. ۱۹۷۲ ۾ ميونڪس آلمپڪ رانديون وقت ۲۶ ڄڻن جي ٽوليءَ سان وال لکمي مڻن جا ملڪ - ڪنبهر ۾ اهڙو ئي ڪجهه ڏٺو آهي. پنهنجي سفر جو مقصد ٻڌائيندي لکي ٿو، "يورپ جي سفر دوران منهنجو اُهو تمام مدبر هستين سان سڃاڻپ ڳنڍڻ لاءِ خواهان هئڻ، جن پنهنجي فن - فڪر ۽ عمل ذريعي انسان ۽ حيوان جي سنڌي کي ڪافي ڪشادو ڪري ڇڏيو هو. شيڪسپيئر، گوئٽي، ٽالسٽاءِ، مارڪس، فرائڊ، سارتر جن پنهنجي سڃاڻپ جي اوسر سان انسان جي من جا ڪيترائي لوان مهاديپ ڳولهي لڌا (صفحو ۷۴) ۽ اندر سفرنامي ۾ وقت به وقت جڏهن اهي ليکڪ مٿين مهان هستين سان منهن مقابلي ٿيو آهي ان جو بيان هو پوري شدت سان ڪري سنڌي پاٺڪن جي ڄاڻ ۾ اضافو آڻي ٿو.

سفر شروع ٿئي ٿو مصر - ڪئرو جي آڳاٽن پراميڊس کان. عيسوي صديءَ کان ٽي هزار ورهيه اڳ.... ويهه هزار پانهن کان ويهن سالن تائين ايائي ايائي ٽڙن وارا پٿر مٿي ڪڍائڻ.... مٿيون سدا حيات لڳندڙ چهرا، سهارا ريگستاني شهر، پوءِ بيروت ٽيل جي آڏاهه آمدنيءَ مان رعيت لاءِ هر ممڪن سهوليت، استنبولا جهاز ۾ ڇهمق جي ٻن ڇڪيندڙ قطبن جيان ڇڪي ايندڙ به انساني جسمون، ڇرائيندڙ موزڪ جون مڌرايي ڏاوِن، منهون جي ملڪ وقت شاپنگ لاءِ هندستاني گهرڙيائين جي دلين

۾ اڻاٺ لاءِ آلو آهي. البت ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضرور آهي
ته جو ان جا گهڻا موضوع ڏنل آهن، رهندڙن جي هڪ ماس
جا حصا آهن.

پارس جي ساري سماج ۾ ڏنل ٻي آزون اڃا پڪيون آهن.
الي مهاڀارت جي دروپديءَ کان ڪٿيري ڪرائڻ (صفحو ۵۷)
کهڙي ۽ وزادار دلين سان قبول پوڻو ڪوڙ آهي. البت
ماڻهن لعرو هٿندي ۽ پراڻي کان پاڻ ڇڏائي ڪي سگهيو آهي.
اپراڌ اولهه ۾ لهندڙ اوپر جي دنيا ۾ ڦاسي پيو آهي. پيشم
(صفحو ۵۸) ڪڏهن ۽ سمجهوتو ڪرڻ لاءِ ٽيرن جي سڀا ٿي
ڪوڙ سمجهيو هو. ان ڪري ٿي چوندا آهن ته. ڪارهن پيرا
مهاڀارت پڙهڻ سان مس مس ڳالهه سمجهه ۾ ايندي آهي. البت
اهڙو ڪجهه ۽ نه ڪو ڏنو آهي جو پڙهڻ سان ازخود ردعمل جاڳي.

سورج، چنڊ، تارن جو ڪوي پرياو (صفحو ۶۴-۷۱) اُپٽرڻ،
لهڻ ۽ چنڊ جي ڪلائن وانگر اڳيان وڌي ها ته. وڌيڪ اثرائتو
ٿي سگهي ها. ايان قوت جي گهٽتائيءَ ڪري ڪڏهن مثال جو
سٺلاي وري ۽ ڦهڪو ڪاني اچي ڏنل ٿي ”اماڻو“ (صفحو ۵)
ٿي پنهنجن ۽ پراڻڪاري هٿن سان ڪم ڪار ۾ لڳي ٿو.

البت جتي ۽ سڌو سولو ٿيو آهي اُتي رواجي پڙهندڙ لاءِ
سمجهڻ ڪولا ”ڊيماسٽريشن“، ”ڪالپوءِ....“، ”اڪيون“ ڪولا
جي ”انڊرجي“ ۾ پڙڻ جو ”فيصلو“ (صفحو ۸۰-۸۴) ڪري ٿو وٺي.

— هندواسي، ۱۰ فيبروري ۱۹۸۵.

[۱۰] ”من جا محل“ - ڪمبهر سڪرناڻو، ليک - لکمي ڪلاٽي، چوالمدڙ - ديپ شڪا پبلڪيشن، آراڌنا اپارٽمينٽس، سواستڪ پارڪ، چيمبور، بمبئي-۷۱، پهرين ساڃاهه، صفحو ۲۷۴، قيمت - پنجاهه رپيا.

سفرناما لکڻ مهل ليکڪ زمان ماضيءَ کي حال ۾ تبديلي فعل کي اڌورو ڇڏيو آهي، پوءِ به سنڌس ٻولي وڌندڙن کي پاسي پڙهڻ وارو ڪک ڪڏهن به ڪونه ٿيندو. گرامر جو احساس هونءَ به هاڻ گهٽجندو ٿو وڃي.

وابس ورائي ليکڪ جي شريمتي جو ريمارڪ "مهڻي ۾ ڪيڏو نه اهنڪار جي ويا آهيو... اهي ڪاڏي لاءِ روئي ٿا ملندي هيو ڇا؟.... اهي ٻرڇي ڪارائڻ وارا هي همت جو نه هئا." ليکڪ جو ٻارن لاءِ پيار، سڪ، ڇڪ، موهه، سنڌس مٽرائي دليا جي تمام سگهن، سوچن مٿان غالب پوندا نظر اچن ٿا.

پڇاڙي رهڻ ۾ پيا ڪئهن پاسپورٽ ۽ ويزا جي مٿي سوو ڪان آجو.... گهر ۾ آرام ڪرسيءَ تي پڙهندي يورپ جو سفرنامو وڌندڙ، وندرائيندڙ ۽ تفريح ڏيندڙ آهي.

— هندواسي، ٢١ اپريل ١٩٨٥.

[١١] "ڌن سڀون سوجهي ڪيئون، پاتار ان پٺهي"

شاهه تي لکيل ليکن جو مجموعو، ليکڪ - پروفيسر سندرداس جهانگياڻي، دهلي، ڪرائون سائيز، صفحا - ١٠٣، قيمت - پندرهن رپيا.

شاهه عبداللطيف سنڌي ساهتيه تي اڄا نه ڪي ڇڏيون ڇاپيو ٿي رهندو. تازو هڪ ايڊيشن شاعر کي شمشان گهاٽ وٽان لنگهندي اوچتو پهچندي وجود جو درجو به شاهه ڪان ئي پڇڻ اچي ياد پيو. شيخ اياز کي به شاهه جي جتي هندومان جي زندگي واڳر اچل لڳي جو جو ان ۾ صدمن جو پکهر پيل هو. انهن پنجين سنڌيءَ ڪان پي. ايڇ. ڊي. تائين شاهه پڙهيو/ پاڙهيو پيو وڃي ۽ ان قطار ۾ جهانگياڻيءَ صاحب "هيءَ ننڍي پيمت"

۽ ڪٽڪٽائي، ڪنهن هر ٻه ڳالهائيندا آهن (صفحو ٤٢).

آلمپڪ راندين ڏسڻ لاءِ سڄيءَ دنيا مان ١٠ لک ماڻهو آيل، فلسطيني گوريلن جو اِزرائيل رانديگرن جي حياتيءَ سان کيڏڻ واري راند جو دل ڪالباريندڙ بيان، پاڪستان ۽ هندستان وچ هلندڙ هاڪيءَ وقت درشڪن جو هڪٻئي ڏانهن سياسي رخ جو نظارو تمام چٽن اکرن ۾ ڪيل آهي. هاڻ، ڪٿي ڪٿي لکڻيءَ جا ٻيهڙا اُچاٽرا ريمارڪ عالمگير ادب کان گهٽو ٻري آهن. جيئن نظام ۽ رانديگر جي ڊراخدائي (صفحو ٨٨) ۽ رانديگر، ڪلاڪار ۽ ساهتڪار ڏانهون قدايت ۾ چاڙا ئيندا ٻيا وڃن (صفحو ٩٠).

جرمني ۽ جپان جي استري نِز حيرت انگيز ترقي جو راز ئم اسپرٽ ئي آهي (صفحو ١٠٣) لکي جو لڪي ۽ تِز سمجهه ايت هڪ سٽ ۾ ئي اهو راز قلمبند ڪري ۾ ڪامياب وئي آهي. مغرابي عورت جي وڪالت.... ٻيڻي اِستري اڄ مڙاڻ، ٻيڻ، ٻتني جا سڌسڪاري وسڌر لاهي ڦٽا ڪيا آهن. هوءَ ٻهرين پاڻ هڪ آزاد، هڪ مخصوص شخصيت، مرد جي ڪنيز نه آهي. شايد لکڻي جا خيال ڪاڪتي کان ٻري هوا پاڻي جي اثر کان ٻچي نه سگهيا آهن. سفرنامي ۾ چيتل ٻرسرام وارو گيٽي (صفحو ١١٩) وان گاگ نه مشهور چترڪار (صفحو ١٤٧) شيڪسپيئر (صفحو ١٦٦) جو ٻيان عاليشان عبارت ۾ ڪيل آهي. اهوئي الي ٻه ڪلاڪار جو سفر سڄو محسوس ٿئي ٿو. سندس اندران اکر ڪليل آهي. ائليءَ جي ميلانو، هيري شهر ۾ گلن سان سجايل گهوڙي جهڙي قبرستان جو ٻيان سچ داد لائق آهي. ”زندگيءَ جي شام جو اُڪجي ٿيڻ بعد واقعي انسان آرام چاهيندو... اکيون ٻوٽي آسائشي ٿيڻ جو چاهي.... نه، موت ظالم نه آهي، موت نهايت ئي خوبصورت آهي“ (صفحو ٢٤٠)

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهان ميٺ گهٽو.
پار سڏائي سيڪو جالي نپاسي،
آهي آسائي، ڪر پٺي ئي ڪل پوي.
اڇو پاڻي اڙ ٽيو، ڪالو رند ڪنڪن،
اپندي لڄ مرن، لنهن سر متي هنجڙا.

الي لڙ ۽ عبارت ۾ جهانگياڻي اڄ جي سماجي ۽ سماجي حالتن کي ۽ رسالي کي ڳالهه جي ان پڙن ۾ اُسرائي ابهارڻ ۾ بيشڪ ڪامياب ويو آهي، پر جڏهن اثر ٿئي نه.

ڳالهه ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ ڪيو ڀاڙون پالل لڄ اهو صاف ڪيو آهي ته شاهه پنهنجي وقت جي هر بزرگ ذات ڏٽي کان اثر جهٽي ان کي سهڻيءَ سنڌيءَ سان ڪيمائي مطلب ڪري انهن شيءِ ناهڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. اهائي ڳالهه جهانگياڻي (صفحه ٨٩) هن ريت ٿو چوي، ”پنهنجي شعر کي انهن ٻولين جي شاعرن جهڙوڪ رومي، عطار، سعدي، حافظ، خسرو، غني وغيره (فارسيءَ مان)، شيخ فريد (ملتاني)، بابا نانڪ (پنجابي)، ڪبير (هندي)، ميران (راجستاني)، شاهه عبدالڪريم ۽ ميان عنايت (سنڌي) جي ڪلام گفتن سان ٻوليو آهي، پنهنجي ليکي سنڌس هرفن مولي هجڻ جي ثابتي آهي.

ڪتاب سان شاهه جي عاشقن کي پياس بجهائڻ لاءِ ڇڪي ضرور ملي پوندي.

[١٢] ”امر شهيد اندرا گانڌي“ سڪ ڀري سوکڙيءَ سنڌو ڪتاب ملهو.

(صفحو ٨) جيڪا سندس موجب "شاهه جي شعر ۾ اوليهو وچٿو
پيو ۽ کي مولي حاصل ڪيم جن کي اوهان اڳيان رکيا اٿم"
(صفحو ٧). اهو سڀ پروفيسر صاحب اسانکي چوڻ جو حق
ڏئي ها ته بهتر ها مولين سچن/کوڙن جي ڪٿ جاچڻ کان ته سٺو.

ڪتاب ۾ ور ور ڪري ان ڳالهه تي زور ڏنل آهي ته شاهه
صاحب مذهبي ڪٽرپڻي کان آجو آهي، پروءِ ته شاهه ڏياري،
شاهه عيد، هندن جو همدرد هئران، وارتاب، شاهه جي عالمگير
همدردي تي انسولهاڻيندڙ سرا آهن. اندر ته بيتن ۾ فقط هڪ
هند ڏياريءَ اکر پيدا آهن ڪيئن نه چئي سگهجي ته شاهه ڏياريءَ
تي لکيو آهي. سنڌداس پاڻ اهو سرو ڏيئي ڇاڏو آهي جو اندر
هو ان جو بيان ته ڏيئي ويچارن جو بيان نه ڏئي، جيڪو ڪجهه
وري هو شاهه جي زماني ۾ سنڌ جو واپار (صفحو ٥٣) ۾ درجائي
ٿو. شاهه ۽ عيد - عيد هڪ خوشيءَ جو موقعو ڪري ڪم آندل
آهي ۽ نه عيد تي سلسليوار تفصيل. جيڪا ڳالهه شاهه صاحب
کي خواب خيال ۾ به ڪونه هئي. شاهه صاحب رهڻو جوڳي تي
جڏهن ديس پرديس گهميو آهي تڏهن هن ڪامل اکين سان
آس پاس جي هر شيءِ، جڳهه، پراڻيءَ جي دک سک جو بيان ڀرپور اکرن
۾ ڪيو آهي. ان ۾ اٺين برابر آهي ته هن جو ڏيان غريب ڳوٺاڻن،
هارين، ڪڙمين، لوهار، ڪنڀار وغيره مظلوم ذات ڏانهن وڌيڪ
ڇڪيو آهي جيڪو بيان سماجواد جو علمبردار (صفحو ٣٥) ۾
به چڱيءَ طرح ڏنل آهي. ان هند به شاهه جي بيتن ۾ اکري
معني جيڪا پيشڪي ليکي بلڪل پوري آهي، کي وڌيڪ زور
ڏنو ويو آهي. ان لاءِ تازو ليو ار عباسي جو شاهه لطيف جي
شاعري پيشڪي مٿ پاڻ آهي، لڳين ڪٿڻ آهي.

شاهه زمان حال جي حوالي ۾ لسٽ ليڪون ناب جڙال آهي. ان
۾ شاهه جي رسالي مان بيت جي چونڊ قابل ذڪر آهي.

ورلڊ سنڌي ڪانفرنس وارو ڳنڀير هڪ باب هجي ها ته بهتر. اندرا گانڌيءَ جو سنڌين سان ڪيل وڙ اڳتي جي ٻاد ليڊرن هاڻوڪي پرڌان منتري کي متاثر ڪندو رهندو، اڳري شاباس ڪان مٿي ڪيل وڙ کي ....

سچ ته، انهن آهي ته، اهڙن ڪتابن کي سرڪار پاران مدد جو هٿ ڏيڻ گهرجي جيئن هرڪو غريب غربو - عام پاٺڪ ۽ ملڪ ڳڻهي پنهنجي محبوب اڳواڻ بابت پڙهي سگهي.

ڪتاب جي ڇپائي - ميڪ اپ ۽ اندر ڏنل اٽليپ - املهه فوٽا تمام صحيح ۽ ٺيڪ جڳهه تي ڏئي ڪتاب جيءَ سان سانڍي رکڻ جوڳي ٺاهيو اٿو.

[١٣] "ڪونج" سلور جوبلي ١٩٨٥ پرچو، ٻال ڪرائون سائيز، سمپادڪ - هري موٽواڻي، ٤، گرانٽ واسٽون بلڊنگ، شهيد ڀڳت سنگهه مارگ، بمبئي - ٤٠٠٠٢٣، قيمت - ساليانو چندو ٢٠ رپيا، پرچو - ڏهه رپيا.

"امداد ڪارو ڪنڊ لٿي پرچا پاڻ ۾" وانگر هري موٽواڻي ڪونج ۽ سنڌيت ٿڌهي جو پاڻ ۾ ڪيتائي ميلاپ ٿي چڪو آهي. جو ليکين پدارت کي ڪو هري هرڪوليس، ڪو هري هٽيو ته ڪو موٽواڻي ڏرمهالا سمجهي سگهي ڪيئي ٽوڪيا ڪيو چڏين. ڪي وري ڪيس ڪيري جو ڏيو سمجهي سهوليت آهر پنهنجي شان مان عزت ۽ سرٽيفڪيٽن وارا پڻا ڳولهي ڦولهي ڪم لٿي ڪيس ڪنڊ پاسيرو ڦٽو ڪن. ڪي سنڌي ساهتڪار ۽ پنهنجو اواضن چاڻ لاءِ پنهنجي لمض ڏيکارين. تازو "ڪونج جي ڪونج" سلور جوبلي موقعي تي پروفيسر رام پنجواڻيءَ پري سيا ۾ ڪيس موڪلي اهو ظاهر ڪيو. ها، هاڻ برابر سنڌيت سان

مون جڏهن اوهان جو "ڪتاب ٻاٻت" پڙهيم "مون هن پستڪ جي رچنا ڪري پنهنجي ساهت سرجڻ ۾ لائق اضافو ڪيو آهي" تڏهن اٿين لڳم ته جيڪي مولکي سگهيو هو، اهو ته توهان اڳيئي سکي چڪا آهيو. مان ڇا سکان؟ بيشڪ هي ڪتاب ساهتيه ۽ سياست جو انوکو سنگم آهي. انهن، اکرن ۽ حقيقتن گڏ ڪرڻ ۾ توهان جي پيار جو پورهيو صاف ظاهر آهي. اندرا گانڌيءَ سان پنهنجو "محبوب اڳوان" وارو لڳاءُ صاف ظاهر آهي. جڏهن عقيدتمندي ۽ وشواس سان توهان قلم هلائڻ چاهيو آهي، ان ۾ ڪامياب آهيو. ٻاڻ کي، پنهنجي دليرداري، پارس ڙان کي صحيح ۽ موزون اکرن ۾ جڙيو اٿو، پاٺڪن اڳيان ظاهر ڪيو اٿو. ان ۾ ڪاٿي هٺرادو جڙت ڪرڻ ٿي لڳي. ها اٿين ضرور ته عقيدتمنديءَ جو سنگم آهي. حقيقتن کي لکڻ ۾ توهان جي سالن جو پورهيو اجائي ٿيو پيو. اندرا گانڌيءَ جي اپنائل واٽ کي انتي شاستر/ارٿ شاستر سان پيش ڪندي اصل توهان کي جيڪو چوڻو آهي اهو صاف اکرن ۾ ۽ جتي پڪ پيڪٽو آهي اتي تمام پوشيده نموني چئي ويا آهيو. اها توهان جي ڪماليءَ اندران طرف عقيدتمنديءَ جو اظهار آهي.

سياست ۾ روشيا جو هندستان طرف سچي دوستيءَ جو هٿ ۽ ڏکئي وقت امريڪا توڙي پرطانيه ۾ ماڻهن جو تلخ ۽ غيردوستاڻي هلت (صفحه ٦٣) گهرائي سان پيان ڪيل آهن. ان سان توهان جا رخ ۽ لاڙا به سمجهڻ ۾ ڏکيائي ڪونه ٿي ٿئي.

مکيه ڳالهه جڏهن مولکي ڪتاب وري پڙهڻ لاءِ متاثر ڪيو، اهو آهي صاف پيالي. سٽن/اکرن وچم قول وجهندي اچي اهڙو ڪجهه به هٿ اچي. اهڙو جڏهن ڏاڍهن اگر ڪٺٽي پوي.

هاڻي انهن اوڙهن ٻاٻن ۾ جي اندران جو سنڌي ٻوليءَ کي اٿين "شهپول ۾ آڻڻ وارو قدم ۽ پگوالنديو آچارڻ وارو ڪوشل

جو چٽو روپ اڀري نٿو سگهي. واسديو لرمل جو ريڊيو نٽڪ وڇوڙي
مونولاڳي ”اهو ڇڱو ٿيو، ڪيئن.“

تازو ادب محبوب کي ڏنو هجر. ”لهرون“ سندس قديم کان
تمام گهڻو اوچيون آهن، جي لافاني آهن ۽ اهي ضرور سنڌي
ساهت ۾ اوچي آڳاٽيون آهن.

گدو سامتاڻي پنهنجي مقالي ”سنڌي ٻولي، ساهت ۽ جيون
۾ سنسڪرت“ ۾ پاڻ سنسڪرت ۾ لفظ اچي ٿو. هون ٻه گڏي،
سواءِ پنهنجي لوزاپيدڙ ٻوليءَ جي، سنڌي ساهت ۾ ڏنو ته ڇا
آهي؟ هت ته ان کان ته پنهنجا پاڻ آڇا ڪرايا اٿس. جارج
سنگهڻو (صفحه ٢٤) ڏانهن سندس ٻاچ کي روڪڻ لاءِ ان ليکڪ
جا ڪتاب سامهون هئڻ ضروري ٿيا اٿن. موضوع بحث لائق
آهي. لکمي کلاڻيءَ جي ناٽڪ، ڌال اڄ ڪله، ماڊرن شهر جي
جديد ضرورتن ۾ شماري وڃي ٿي. ”عاشقاڻي ادبو“ ۾ شيام
جيسنگهاڻيءَ ماڻهوءَ کان ماحول لائين چڪائڻ ڇڏي غريبڙي
سنڌي ڪهاڻي جڳت ۾ اضافو آندو آهي. سرحد پار گل ناليور
”من اندر جا منجهه“ ۾ ابوس، ماڻ، قيدي ۽ جيلر جو سهڻو
چٽ چٽيو آهي. نالورن وڌان اهڙو احساس دل اظهار! ڊاڪٽر
چندو لعل جيسنگهاڻيءَ جو مرزا قليچ بيگ، حوالن ۽ حاشين ۾
وڪوڙجي اصليت کوهي ويو آهي. رتنا شهاڻيءَ زيورڪ ۾
سنڌي ساهت، ڏانهن ثابت قدم ٻيڙو ڏنو آهي. پوپٽي هيراننداڻيءَ
جي ”ماهتاب محبوب ۽ محفل يارن“ سنڌي گگن منڊل جو
سج چنڊ ۽ چمڪندڙ تارا حاضر هوندي به، ادبي درجو حاصل
ڪرڻ کان قاصر رهجي ويئي آهي (صفحه ٦٢). ڪلا جو ڪوهنور
۾ ماهتاب محبوب ماستر چندر، ڪوهنور جو پرجوش اکرن ۾
اظهار ڪيو آهي. هت اسان وٽ ادبي جواهرن جي کوٽ
ڪري ڪڙي پانڪ، کي ته سرلو سنگيت جاڻي، سونن مان

پيار چريائي، بيماري آهي. ان جو علاج ڪونهي. ڊگري ورتل ڊاڪٽر به ڪونهي. تو ڪري سگهي. ته به هوند ڪونج پرسان به گلدستن وارن جهڙا ڊاڪٽر ضرور سندس علاج ڪن ها. هونءَ به دنيا جي دستور جي ابتڙ هري موتائيءَ مشهوريءَ لاءِ جنس موالن پدران مذڪر ڪي ٿي آزمايو آهي.

هونءَ ته ڪونج سڀ سولي پڙهي پرچو چالدي جي پرچن ۾ پيڪمل آهي. رام پنجوانيءَ جو مونجهارو

”رام ڪڏهن ڪان تو سگهين، هيءَ طنز ۽ حسده زاي!

هڪ ڪبوتر مان اٿين وٺين، اوچتو ڪٿي تون عقاب!“

(صفحو ٩)

سنڌي جو مايناز شاعر نارائڻ شيام اجهو هڪ ئي سو دور ڪري. (صفحو ١٠)

”پيالين مذهب توري تو، پوءِ ڇا هيڻ ته آخر هيڻ“.

وڌي هئي ته سدابهار شاعر اياز تو ڏٺن (صفحو ١٢)

آ هماليه جهڙن ارادو پنڌ گهر،

جستجو ۾ آهه سنڌوءَ جو سمر،

وقت جي جاءِ جو ماهيان اسر.

موت لي مان مرڪندو، سڀ سهائي،

گيت ڳائيندو وڃان پيو دور دور.

گوردن پارٽيءَ جي غزل ”بل بل“ ۾ تا رنگ اڏجن.

”سڀ سماسٽ ساليا ساليا“ ۾ ه گيت جي گولجار آهي.

جسلوڪ اسپتال داخل، چڙهيل عمر ۾ به نوجوان دل ڏسو دڪال جي (صفحو ١٣)

”ماجرا پيار جي سڀني مون فقط پيار ڪيو،

پو پلا اڙدي ”دڪال“ آ انتظاري ڇو؟“

امر. ڪمل جو ”تصور“ پڙهن ڏاڍن ڪان باهر عام ۾ اظهار

جسوانت جي جيون لاسيءَ وٽان ملڻ پهتي ته ڏسڻ سان ئي محسوس ٿيو ته هاڻ جيون جي عمر چڙهي چڪي آهي. مٿان وري ڪور ٻهج لي ڪمس پڪن ٻارن جو جهنب. سرڪاري فعلي پابندگي جي اٿڙ.... هونءَ به هن ٻرنويءَ سي تمام گهڻا ساهوارا ٨-١٠ سالن جي اندر ماٺي ڇوڙي رهندا آهن، پا زندگيءَ جي بوان لمحن ۾ پيا اڏاندا آهن جيئن جيول - ٨، ان ۾، سو ئي ٻالڪپڻ واري چولاڻپ آهي ۽ سو ئي وري جوانيءَ وارو جوش.

هيءَ نئين ڪولا-ڪهاڻي پرچو آهي. نئين جي ڪالي، خاص ڪري سنڌي ڪولا ۾ الائي ڇا ڇا گهسي آيو آهي. نثر ۽ نظم وچ سنڌو ماڻي بلڪل گم آهي. فقط سٽن کي انڊيو وڏو ڪري، ڏايو ڏڪر لي لکٽو آهي. ڇو جو سنڌي ساهتيہ ۾ ڏاڍي لت جي ساهون ٿيڻ جي حرامت اڃا نہ ڪنهن ڪولہ ڪئي آهي. البتہ ضرور ٿيو آهي جو ٻالڪ وڇارا ڇپ ڇاپ ٻاسيرا پيا پچندا وڃن. هراش واسواڻيءَ جي پدا عنوان ۾ عام لاءِ اظهار گم آهي. ساهتيہ مختلف نہ هئن لاٿين مختلف اصولن ۾ پهچڻ جو وسيلو آهي. جي عام شعر-شاعري سہ سمجهي نہ ان لاءِ فقط پہ رستا ڪامل آهن. هڪ هوُ شاعريءَ ڪان ٻاسو ڪن پا شاعر ڪان دور پڇن. هراش رنگستاني رچ ۾ انساني من، سمنڊ جي گهرائي ۽ آڪاس جي اوچائيءَ ڪي عنوان ڏيڻ جي ڳولها ۾ آهي. هن جو شعر نہ دل اسين آهي ۽ نہ ئي وري ذهن اسين. شاعر عام جي زبان ۾ حسن کي اُجاگر ڪري پڙهندڙن کي آڪاس جي اوچائيءَ لي وٺي ويندو آهي. پر همت هراش جا پير اوچائيءَ لي آهن نہ پڙهندڙ ڏرليءَ ئي. زمانو هو جو شاعري عام جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ويندي هئي پر همت نہ پڙهندڙ وڇارا پچڻ لاءِ پيا جاءِ ڳولهيندا. هن جي شاعريءَ ۾ انسان ذات لاءِ

خيمسون ڪيي پلئه پائي، چنبج وجهي گهورون پئي گهوريون آهن.

تنقيد ۾ لعل پشپ موهن ڪلپنا جي من جا محل، ڪنڊهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انصاف اهڙو ئيندو آهي ته لعل ڪنول اڳين سان انصاف ڪرڻ جي اي انصافي ڪئي آهي. موهن جي پڪه ۽ عشق کي وانگو ڪري ان جي ادب مٿان ڪارو پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پرنٽ جو ڇپجڪ وانگر آهم ڪتا لکڻ جا ڪي به أصول مقرر ٿيل ڪونه آهن. انهن کي پين جي اسونئي حوالن ۾ ٻيا وقت آهر جيڪا ڳالهه صحيح سمجهي. قاواي درجو عطا ڪري سگهيو آهي. هري دلگير جي "مرهڻي حد آڪاش" ڏانهن نظر ٿي انڪري قياس ٿو اچي جو راڻا شهاڻي ۾ کي سمجهائڻ لاءِ هن صاحب کي افلاطون اقبال ۽ شاهه پٽائي جو سهارو وٺڻو پيو آهي (صفحو ٨٦). ليوڪ اسمت جو اڪبر اعظم ڪوانج ٻرچي جو اڪبر اعظم آهي. ليوڪ سڄاڻي صاحب جي ڪٿ نه ڪر، قدر ڪر (صفحو ٩٧) ٿي عمل ڪندي ڪوانج جا مڙيئي ليڪه قدر لائق آهن. سندن وهندڙ قلم جي وهڪ کي زور سان ڇالو رکڻ لاءِ اڇو ٿو رام پڪشاڻي، ٻائي (صفحو ١٠٢) واري جي سڌ ۾ سڌ ڏيون.

وچ وچ ۾ ڏيون پوچواڻي ۾ جنا سنڌيت سان پرسماع، پڳيت، دهلاري، چنبج، پهراڻي جا رنگين دل لبائيندڙ چٽر پرڇي کي دلڪش پڻائين ٿا.

— هندواسي، ٢٨ اپريل ١٩٨٥.

[١٤] "جيجل-٨" پٺڪ آف انڊيا سنڌي سوشل سرڪل، لاجپي مون اڙاليچ، ٧٠/٨٠، مهاتما گانڌي روڊ، بامبي - ٢٣، سمپادڪ - ايسي خوبچنداڻي، ٻائي سال-٨-ز، صفحو ١٥٠، قيمت - واهه رپيا.

